عبدالفتاح سپرو/ ڊاڪٽر بشير احمد چانڊيو (فياض لطيف)

# شيخ اياز تي شاهہ لطيف جي ٻوليءَ جا اثر

# INFULUANCE OF SHAH LATIF'S DICTION ON SHAKH AYAZ


## Abstract

This research paper demonstrates that poets and creative artists often draw inspiration from and influence one another through their use of language, diction, and ideas. Shaikh Ayaz is widely recognized and celebrated for the diversity found in his poetry. In this context, he regarded Shah Latif Bhittai as his guide and mentor, who had a significant impact on him in terms of content and language. When Shaikh Ayaz translated "Shah Jo Risalo" into Urdu, he was deeply influenced by Shah Latif's choice of subjects, including Love, Beauty, Nationalism, Sufism, and folklore. While emulating Shah Latif Bhittai, Ayaz also adopted Bhittai's rhetorical devices, which ultimately enriched his own poetry. This blend of influences contributed to the revitalization of the Sindhi language by reviving hundreds of words from Shah Latif that might otherwise have been forgotten. This achievement marks a significant contribution by Ayaz to the preservation and promotion of the Sindhi language, as he reshaped words derived from Shah Abdul Latif Bhittai. In this regard, it can be stated that Shaikh Ayaz's adoption and emulation of influences have facilitated the transfer of the Sindhi language and its heritage. This research paper views that Shaikh Ayaz's poetry has not only continued but also renewed the Sindhi language of Shah Latif, symbolizing a literary revival and continuity brought forth by Ayaz.


**Keywords:** Shaikh Ayaz, poetic and artistic influence, Shah Abdul Latif, revitalization and renewal of language

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ مختلف موضوعن ۾ اندازن جي وسعت لاءِ ڪيس وڏي پيماني تي مڃيو ويو آهي. هن تي شاهہ لطيف جو جنهن کي هُو پنهنجو رهبر ۽ استاد سمجهو آهي، تنهن جو تمام وڏو اثر آهي. خاص طور تي مضمون ۾ ٻوليءَ جي لحاظ کان، جڏهن شيخ اياز "شاهہ جو رسالو" اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو تہ هُن تي لطيف جي موضوعن جهڙوڪ: محبت، حسن، قومپرستي، تصوف، لوڪ ڏاهپ وغيره جو گهرو اثر پيو.

ڀٽائيءَ جي انداز ۾ موضوعن کي ڪتب آڻڻ سان گڏ شيخ اياز لطيف جي ٻوليءَ کي پڻ نئين زندگي بخشي، ڇاڪاڻ ته شيخ اياز شاهه لطيف جا ڪيترائي لفظ جيڪي هن وقت تائين متروڪ ٿي چڪا هئا، انهن کي ٻيهر زنده ڪيو. اهو شيخ اياز جو ٻوليءَ جي حوالي سان وڏو ڪارنامو آهي، جو هن ڀٽائيءَ جي لفظن کي نئين صورت ۾ معنا ڏئي انهن کي ادب ۾ روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ واپس آندو.

ڪنهن به تخليقي فن کي اظهارڻ جو موثر ذريعو (مادري) ٻولي هوندي آهي، جنهن کي ڳالهائڻ توڙي ڦهلائڻ وارو عام ماڻهو هوندو آهي. پر ٻوليءَ کي ترقي ڏيارڻ ۾ هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار استادن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو هوندو آهي. شاعر نه فقط ڪنهن ٻوليءَ کي نوان الفاظ ميسر ڪندو آهي، پر ان سان گڏوگڏ ٻوليءَ جي لفظن جو انتخاب به عام ماڻهن جي روزمره واري استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ مان ئي ڪندو آهي، ڇاڪاڻ جو اهو ئي شاعر زنده جاويد رهندو آهي، جيڪو عام ماڻهوءَ جي ٻوليءَ کي استعمال ڪندو آهي. شاهه لطيف جو سمورو ڪلام ان وقت جي مروج عوامي ٻوليءَ ۾ ٽيل آهي. جيڪا اوٺارن، اوڏن، آهيڙين، ٻيڙياتن، ناٿارن، پڇارن، ڪاپائتن، چوڙيگرن، حجامن، ڏنارن، پنهوارن، ريبارن، ميهارن، ڳنوارن، ڏوٿين، سانگين، جهانگين، رازن، رنگريزن، سونارن، صرافن، سنگتراشن، غواصن، طبيبن، ڪلئيگرن، ڪنيارن، ملاحن، مڱڻهارن، موچين، واڍن، واپارڪندڙن، هارين، نارين نيرولين سميت هيٺين طبقي جي پورهيتن، ڪمين ڪاسبين ۽ عام ماڻهن جي استعمال هيٺ هئي. جنهن ۾ هندو مسلمان ٻئي شامل هئا. اها ئي نج سنڌي ٻولي آهي، جنهن لاءِ محمد صديق ميمڻ لکي ٿو ته:

”شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا سنڌي ٻولي ڪم آندي آهي، تنهن کي نج سنڌي ٻولي چوڻ درست آهي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ سنڌ جي طبعي(پراڪرت) ٻوليءَ جا لفظ به موجود آهن، مڪمل سڌريل (سنسڪرت)ٻوليءَ جا لفظ به موجود آهن ۽ عربي فارسي لفظ به قائم آهن، پر اهي سڀ اهڙا عام فهم آهن جي سنڌ جو هرڪو هندو خواهه مسلمان آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو.“ (1)

”شاهه صاحب ڪڏهن به اڙانگي ٻولي ۽ مشڪل محاورا استعمال نه ڪيا، هن زبان جي فن ۾ اعليٰ دانائي اها ڏيکاري ته پنهنجي ڪلام ۾ نج عوامي ٻولي استعمال ڪيائين. ڇو ته ڪيس خبر هئي ته عوام هن ڌرتيءَ تي هميشه رهڻو آهي؛ ۽ خواص ڪڏهن ايراني ته ڪڏهن افغاني، ڪڏهن ترڪ ته ڪڏهن تاتاري، ڪڏهن هو ته ڪڏهن هي؛ هرڪو پنهنجو وارو وڄائيندو فنا ٿيندو ويندو ۽ پنهنجون ورجيسون ۽ محاورا پنهنجن درٻارين سان گڏ ڪنيو وڃي دفن ٿيندو. انڪري

شاهہ صاحب جي ڪلام جا سريلا ساز بہ عوام لاءِ تہ رنگ رسيلا بہ انهيءَ ڏرتيءَ جي ڏراڙن لاءِ آهن. جنهن ڪري پنهنجي ڪلام جي ٻولي بہ انهن جي ٻولن مان ڳالهايائين.“ (2)

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ جي اعليٰ ۽ اُتم خوبي هيءَ بہ آهي، تہ هن جي شاعريءَ کي مختلف مڪتب فڪر سان تعلق شهرن جا لکيل پڙهيل ماڻهو پنهنجي محفلن ۽ مجلسن ۾ حوالي طور ڪتب آڻي ان مان پنهنجي پنهنجي مقصد جي معنيٰ ۽ مفهوم ڪڍن ٿا. جڏهن تہ ٻهراڙي جا ماڻهن پنهنجي گهرن توڙي جهنگن، جهرن ۾ لطيف جا بيت ۽ وايون جهونگاريندي پنهنجا پنهنجا ڪم سرانجام ڏين ٿا. انهن لاءِ لطيف جي ٻولي دردن جو درمان بہ آهي تہ سورن جو سامان بہ آهي.

شاهہ لطيف جي مقبوليت جو هڪ سبب هيءُ بہ آهي تہ هن پنهنجي شاعريءَ ذريعي عام ماڻهن جي احساسن، جذبن ۽ نفسياتي ڪيفيتن جي اهڙي تہ ترجماني ڪئي آهي، جو اها هر موقعي محل تي سندن ڪيفيتن جي عڪاسي ڪري ٿي. ان ڪان سواءِ هن ”پنهنجي ٻولي کي سنڌ جي تهذيبي روايتن، تاريخي ۽ نيم تاريخي داستانن ۽ ڪهاڻين، تمثيلن، محاورن، علامتن، اهڃاڻن، استعارن، تشبيهن، سلاست، فصاحت، بلاغت ۽ جدت جي خوبين سان ڳتي ۽ مڙهي پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ ماضيءَ جو سمورو حسن، فڪري ۽ تهذيبي ورثي جي سموري سونهن موجود آهي.“ (3)

شاهہ لطيف کان پوءِ شيخ اياز سنڌي ٻوليءَ جو محسن، مهندار ۽ عوامي شاعر آهي، جنهن پهريون پيرو ٻوليءَ جي حوالي سان بغاوت ڪئي، سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو”ڀؤنر ڀري آڪاس“سال 1968ع ۾ گهڻو پوءِ شايع ٿيو. پر اياز ورهاڱي کان ڪجهہ وقت اڳ جيڪي”سنڌي ٻولي، جيڪا ڀٽائيءَ کان پوءِ روايتي فارسي زده شاعرن هٿان زنگجي، ڪاراٽجي، پنهنجي اصلوڪي معصوم ۽ سڀاجهي صورت وڃائي چڪي هئي، اياز ان کي نئين سِرِ ڳهَ ڳتا پارايا ۽ سونهن راڻي بنايو.“ (4)

شيخ اياز جي شاعري پڙهڻ سان اها خبر پوي ٿي تہ مٿس شاهہ لطيف جي ٻوليءَ جي آهنگ جا تمام گهرا اثر آهن، جنهنڪري اسان هيئن ڪٺي چئون تہ اياز لطيف جي ٻوليءَ جو استعمال ڪري سنڌي ٻوليءَ کي نئين سِرِ جيئدان ڏنو آهي، تہ اهو غلط نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ شاهہ لطيف ۽ شيخ اياز جي دؤر ۾ حڪمرانن جا سنڌي ٻولي سان ساڳيا مسئلا هئا. اهو ئي سبب آهي جو شاهہ لطيف کان پوءِ جنهن شاعر کي ٻوليءَ جو معمار شاعر ليکيو وڃي ٿو اهو شيخ اياز آهي. سنڌي ٻوليءَ جيڪا موجوده هيئت ۽ شڪل اختيار ڪئي آهي، ان ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ ساڳيو ڪم سرانجام ڏيندي رهي آهي، جيڪو لطيف جي دؤر ۾ لطيف جي شاعريءَ ڏنو هو. ان سان گڏوگڏ اها بہ حقيقت آهي، تہ اياز پنهنجي شاعرِيءَ ۾ لطيف جو ئي ٻڪشن ڪتب آندو آهي، شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ اهڙا

ڪيترائي پد ۽ لفظ موجود آهن. جن مان بخوبي اهو اندازو ٿئي ٿو تہ هو شاهہ جي ٻوليءَ کان ڪيترو متاثر ۽ ساڻس محبت ڪندڙ آهي. مثال طور: شاهہ لطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اُٺ، اُونا، جهوڙن جهمڪڻ، پاند پناهہ سهسين، ٿڌي، نيهن، پرين، تند، ساز، رچي ريٽو ٿيڻ، وِهہ وهاڻي، ڏک سک، سڄڻ، سور، چوڏهينءَ جي چانڊاڻ، هينئون هرڪائڻ، سرگردان، چڙو چنگ، چارڻ، پونءِ، آگهہ، لوئي لاک، لوڏ لڪائين، ڪارا ڪکر، ڏونگر لڪ، لڄ، ڪونج، ويڄ، ڏيئا جهپڪن، سڙهہ سنياهيم، ڪينرو تند، وهسن، وِهُہ ڪاپڙي، ڪنواٺيا، ڪن چير، سانوڻ مينهن، فاني، ٽڪر ٽاڪڻ، مينڌا، گهوڙا اندرگس، ڪلال، جاجڪ، وڄ، گنبير، ڳنڍيون، وندر، نانهہ ڪاڪ، گرو گورکنات، سوڍن، مارو، ملير، موکي، متارا، مڏ، ڪيف، ڪڙو ڪارڻ، ليلا، انگ پيوتي، سامونڊي ٻيٽ، ٻگها، لوئي، لاک، واهيري جي وير، جهڙا ڪيترائي لفظ ۽ اصطلاح استعمال ڪيا آهن. جيڪي شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ بہ عام جام ملن ٿا. ان کان سواءِ شاهہ لطيف جا شيخ اياز تي ٻوليءَ جي حوالي سان صوتي، صرفي، نحوي، استعاراتي، تشبيهي، تلميحي، پهاڪاتي، محاوراتي ۽ صنعتي اثر پڻ موجود آهن. اسين هتي سڀ کا پهريان شيخ اياز تي شاهہ لطيف صوتي، صرفي ۽ نحوي اثر تي روشني وجهنداسين.

## شيخ اياز تي شاهہ لطيف جو صوتياتي اثر

صَوتُ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جو جمع اَصوات آهي، صَوتَ جي لغوي معنيٰ آهي آواز جنهن کي عام طور تي صَوتيو انگريزيءَ ۾ (Phonotics) پڻ چئبو آهي. آوازن جي علم کي ماهر لسانيات صوتيات جو علم (Phonology) چوندا آهن. جامع سنڌي لغات ۾ لفظ صوت جي هن ريت معنيٰ ڏنل آهي:

صَوتُ: ذ. (ع. صوت = آواز ڪرڻ) آواز_ صدا_ ندا، بانگ. (5)

"Phonotics is the scientific study of speech sounds, It studied how speech sounds are, transmitted and received. (6)

ترجمو: "صوتيات ڳالهائڻ جي آوازن جو سائنسي مطالعو آهي، هي علم آواز ڪيئن اچاريا، منتقل ۽ موصول ڪيا وڃن ٿا، جو مطالعو ڪري ٿو. "

صوتيو آواز جي ايڪي کي چئجي ٿو جنهن سان معنيٰ جو فرق معلوم ڪري سگهبو آهي. مثال طور جيڪڏهن ٻن لفظن ۾ آواز، حرف يا اکر ساڳيو هجي ۽ ان جي معنيٰ يا مقصد ۾ فرق هجي تہ ان کي بہ صوتيا چئبو آهي، مثال:گسان ۽ گُسان توڙي جو لکڻ جي صورت ۾ هڪجهڙا آهن، پر فقط زبر ۽ پيش جي فرق سبب انهن جي معنيٰ ئي متجي وڃي ٿي. گسان جي معنيٰ (گَس يا رستي کان) ۽ گُسان جي معنيٰ (گُسَڻ، گُسِي وڃڻ يا پلجي وڃڻ) آهي. اهڙي طرح ڏِک ۽ ڏُک، سُرُ، سِرُ، سِرَ، سَرُ وغيره. انهن ۾ زير، زبرَ ۽ پيش

ڏيڻ سان مختلف معنائون ٿين ٿيون. پر جيڪڏهن آواز ۾ فرق هجي ۽ سندن معنيٰ ۾ ڪو تفاوت نہ هجي تہ ان کي هڪ صوتيو چوندا آهيون. اهڙا مثال طور:مشين لاءِ مشن. ڏُک لاءِ دُک. ڊاڪٽر لاءِ (ڏاڪدر. داڪتر ۽ ڏاڳدر) ستارا لاءِ تارا ۽ ماٺهو لاءِ ماڑهو وغيره.

هتي اسين شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جا شيخ اياز تي اثر جاچڻ لاءِ ٻنهي جي شاعريءَ جو صوتي اڀياس ڪنداسين. تہ جيئن معلوم ڪري سگهجي تہ صوتي طور تي ٻنهيءَ ۾ ڪھڙيون هڪ جهڙايون آهن. پهريان شاهہ جو بيت ڏئي ان مان آواز جي تبديليءَ سان معنيٰ جو فرق معلوم ڪنداسين ۽ ان جي پٺيان شيخ اياز جو بيت ڏئي ان کي معنوي تفاوت کي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين:

جتن ڪج جتن جو آيا ڪي ايندا،
وَٺي پنهون پانهنجو وٺان تو ويندا،
دم نہ دميندا، سِڏاريندا ساٿيہ ڏي.
(قاضي 1993 ص 445)

هن بيت ۾ لفظ جتن جي معنيٰ هن طرح آهي:

جتن: حيلو بهانو ڪوشش، خبرداري، اپاءَ تدبير ۽ ميڙ منٿ وغيره.

جتن: لفظ جمع آهي، يعني ذات جا جت، اوٺي، اوٺار.

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڏو ڪيو،
نِھاريندي‌س نڪري، ٻوٽن ڪاڻ ٻرُ،
آڏو ٽڪر ٽر، متان روهَ رتيون ٿِيين.
(قاضي، 1993ع، ص 458)

پهرين لفظ "ور" جي معنيٰ مڙس يا پتار آهي.

ٻئي ۽ ٽئين "ور" جي معنيٰ ور وڪڙ، ڏنگائي، ڦڏائي، ڦير ۽ وٺي وغيره آهي.

اهڙيءَ طرح شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ بہ اهڙا شعر موجود آهن جن جي صوتين ۾ زير، زبر ۽ پيش اچڻ سان انهن جي معنيٰ ئي.

ويچ اسان جي وِڌِ ڪي، مُور نہ گهرجي مَڪُ،
ڪک مَ پانيو ڪک، ڪَڙِ ڪَڙِ ڪان گهٽي ڪئي.
(شاعري_1، 2008ع، ص 634)

هونءَ تہ ڪک لفظ آهي پر آوازن تي زير، زبر ۽ پيش لڳائڻ سان انهن جي معنيٰ ئي بدلجي ويئي آهي.

ڪَکُ: تيلو.

ڪَکُ: ٿورو، هلڪو يا معمولي.

آءُ تہ هان واريءَ تي وڻ،
تون بہ تہ پنهنجي ٻُن جو ٻَڻ.
(شاعري_1، 2008ع، ص678)

ٻڻ: جي معنيٰ آهي، بنياد، خاندان، ڪٽنب وغيره.

ٻڻ : جي معنيٰ آهي، ٿيءُ، ٿيڻ.

لکت ۾ ٻيئي لفظ ساڳيا آهن، پر ٻنهي آوازن ۾ فقط تنوينن جو فرق آهي، پهريون لفظ آهي ٻُڻَ جو ۽ ٻيو آهي ٻَڻُ (يعني) ٿيءُ. اهڙيءَ طرح شيخ اياز جي ڪلام ۾ ٻيا بہ اهڙا ڪافي بيت ملن ٿا.

شاهہ لطيف نہ فقط شاعر ۽ موسيقار آهي پر هو ان سان گڏ لسانيات جو ماهر پڻ آهي جنهن لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب"سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا"۾ لکي ٿو تہ:"شاهہ لطيف جي ڪلام جي گهري اڀياس مان اهو بہ پتو پوي ٿو تہ شاهہ سائين سنڌي صوتيات جي علم جي بہ وڏي ڄاڻ رکندو هو. ڪين اها بہ خبر هئي تہ لفظن اندر"صوتين" (Phonemes) جي ڦيرائڻ سان لفظن جي معنيٰ ۾ تبديلي اچي ٿي."(7)

شاهہ لطيف جي ڪلام تي اونهي نظر وجهڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ هُن ڪيترن ئي لفظن ۾ صوتين جي گهٽ وڌائي ڪري لفظن جي معنيٰ ۾ فرق آندو آهي، جيئن:

1. ڏري ۽ ڏاري، سِٽَ سورن جي سسئي،

**

2. ڪڙهي ۽ ڪڙي، پر ۾ پيير پنهوءَ جو،

**

3. ڪِ ڪي ڪڙيان پيير، ڪِ ڪڙهان ڪيچ ڏٽيءَ لئي،
لڪن سِرِ لطيف چئي، منڌ جهيڙي ۽ جهڙي.
(قاضي، 1993ع، ص353_372_378)

مٿين بيتن ۾ ڏري، ڏاري جي وچ ۾"ا" ڪڙهي، ڪڙي جي وچ ۾"هـ" ڪڙيان، ڪڙهان جي وچ ۾"هـ"۽"ي" جو فرق جهيڙي ۽ جهڙي جي وچ تي "ي" صوتين جي فرق سبب لفظن جون معنائون ئي تبديل ٿي ويون آهن.

ڏري: جي معنيٰ آهي، خوف وچان ڊڄڻ.

ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ غلام محمد شاهواڻيءَ ڏاري: جي معنيٰ آهي، "رئاڙي" ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "چيري، پيچي پورا، پوري ڪري، پچائي چڏي" لکي آهي.

ڪڙهڻ: سڙڻ، گرمائش سبب تپڻ، گرم ٿيڻ، سڪ رکڻ، سڪڻ جي لاءِ مرڻ يا تڪليف ڏسڻ.

ڪڙي: پير جو ڪڙڻ، پيرو ڪٽڻ، پَيرِي چور جو پَيرو ڪٽڻ وقت پير کي چوڏاري آڱر سان ليڪو پائي ڪڙيندو آهي.

جهيڙي:لڙي.

جهڙي:جهٽ، جهڙپ.

مٿي ڏنل لفظن بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ:"انهن مثالن ۾ ڪڙيان ۽ ڪڙهان، ڪڙ ۽ ڪڙهہ ڪڙي، ڪڙهي ۽ جهيڙي جهڙي جهڙا لفظ علم صوتيات ۾ ڙ ۽ ڙهہ صوتين جي فرق جي ڪري لفظن جي معنائن ۾ فرق ڏيکارين ٿا." (8)

عام حرفن يا صوتين جي مٿا ستا ڪان علاوه شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ هڪ ٻئي ڳالهہ بہ نظر اچي ٿي، اها آهي لفظن ۾ سُرن يا حروف علت يعني (ا، و ۽ ي) جي استعمال جي ڪري ڪلام کي وڌيڪ سريلو ۽ رسيلو بنائڻ. جنهن جا بہ ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا.

جيئن"ا" جي واڌاري سان هي بيت آهي:

ستي سيج هياس، مون کي آه اُٿاريو،
جنين جاڳاياس، آئون نہ جيئندي اُن ريَ.
(قاضي، 1993ع، ص151)

مٿي ڏنل لفظن کان سواءِ ستياس، اُٿياس، پُلياس، ڪاهينڊياس، ساهينڊياس، هونڊياس، لاهينڊياس، ڪئاس، ٿئاس، پنياس، ٿئام، وئام، ڪياس، وينڊياس ۽ مليندياس ۾ حرف "ا" جو اضافو ڪري لفظن کي دوام بخشيو آهي. هن قسم جا لفظ اسان کي لاڙي لهجي ۾ ملن ٿا. ۽ اسان کي معلوم آهي تہ شاهہ لطيف جو تعلق سنڌ جي لاڙ واري علائقي سان هيو، تنهن ڪري لطيف بہ ان تحت انهن لفظن کي پنهنجي شعر ۾ اظهاريو آهي. جيڪي ضميري پچاڙين ۾ ڪتب آندا اٿائين. ان کان سواءِ شاهہ لطيف اهڙا ڪيترائي لفظ جوڙيا آهن. ان بعد شاهہ جي ڪلام مان "و" جي اضافي استعمال وارا لفظ پيش ڪجن ٿا:

ڪائو ڪمايوم، موتي مون نہ وٽجيا،
سيهي جو سيد چئي، وَکَر وهايوم،
همڙو حال سندوم، توءِ تنهنجي اُبهان.
(قاضي، 1993ع، ص282)

مٿين لفظن کان علاوه شاهہ لطيف ٿئوم، پئوم، ٿيوم، پيوم، ڏنوم، ويندوم ۽ ڪندوم جهڙا ڪيئي لفظ ۾"و"حرف علت جو استعمال ڪيو آهي. ان بعد شاهہ لطيف لفظن ۾ حروف علت"ي"جو پڻ اضافو ڪندي ڪيئي بيت چيا آهن. نمونی طور هڪ بيت پيش ڪجي ٿو:

چَوندن ڪِيمَ چئيج، ويڻ ورائي سامهون
ڪا مت قيمت جهڙي، روز ڏمر کي ڏيج،
ويڻ مَ ورائيج، تہ سپ در سهاڳي ٿئين.
(قاضي، 1993ع، ص63)

ان کان علاوه پئيج، ڳالهائيج، ليلائيج، لاهيج جهڙا لفظ استعمال ڪيا آهن. اياز بہ شاهہ لطيف جيان صوتين ۾ فرق آڻي لفظن کي نيون صورتون ۽ معنائون ڏنيون آهن. حرف علت "ا" جي واڌاري وارا لفظ هينين بيتن ۾ موجود آهن.

شيخ اياز سنڌي شاعر هئڻ سان گڏ سنڌ نثر نويس بہ آهي، تنهن ڪري کيس سنڌي ٻوليءَ تي عبور ۽ ملڪو پڻ حاصل آهي، اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعريءَ ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي صوتياتي تبديلون موجود آهن، جن سان لفظن جون معنائون ئي تبديل ٿيل ملن ٿيون. جيئن:

1. بک تي نڪتي باک ۽ ڏک تي گذريو ڏينهن،
2. هي ڏرتيءَ جي ڏرتتي، تنتو هانءَ هي هاءِ،
3. شال کسي مان توتي تاٽيان، تنهنجا ڪان ڪمان،
4. آڻ تہ پيئان، آڻ تہ جيئان، جيئڻ سدائين شال!

(شاعري_1، 2008ع، ص47_55_57)

بک، باک جي وچ ۾ "ا" ڏرتي، ڏرتتي جي وچ تي "ت"، ڪان، ڪمان جي وچ تي "م" ۽ جيئان، جيئڻ جي وچ تي "ا" صوتين جو اضافو ڪري انهن جي معنيٰ ۾ فرق آندو آهي.

ان کان پوءِ "و" حرف علت جي اضافي وارو بيت:

سجڻ جو ساريوم، تہ آيون هيرون هنج ۾،
جيڏانهن نهاريوم، چوڏهينءَ جي چنداڻ هئي.

آخر ۾ "ي" جي اضعافي وارو بيت پيش ڪجي ٿو:

چئو مان ڪنهن جي ڪاڻ، رلان پيو راتڙيون،
چئو ڪنهن جي چانداڻ، هرڪايو منهنجو هييون!
(شاعري_1، 2008ع، ص19)

اياز جي شاعريءَ ۾ هن قسم جا بيت گهٽ نظر اچن ٿا، البت موجود ضرور آهن، اهو بہ شيخ اياز تي شاهہ لطيف جي حوالي سان هڪ اثر آهي. اياز جي مٿين بيتن ۾ حرف علت وارن لفظن کي هينان ليکون ڏئي ظاهر ڪيو ويو آهي.

## شيخ اياز تي شاهہ لطيف جا صرفي اثر

صَرفَ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، خرچ ڪرڻ، ڏيڻ، وٺڻ، ڦيرائڻ، هٽائڻ وغيره. عربي- سنڌي لغت ۾ لفظ صَرفَ جي معنيٰ هن ريت ڏنل آهي:

صَرفَ صَرفا- وصَرف: ڦيرڻ، هٽائڻ، دفع ڪرڻ، واپس ڪرڻ. ڪنهن کي موقوف ڪرڻ.[9]

صَرف:ذ (ع. صرف = مٽا سٽا ڪرڻ- تبديل ڪرڻ) خرچ- اخراج- کپت- کاپو- ڏيتي ليتي (پئسي جي.) نقصان- هرج (ٻوليءَ جو). لفظن جي اکرن، ڦيرين گهيرين، گردانن ۾ بدل سدل جاڻڻ جو علم-شبد ساڌن وديا- شبد ويچار- اشتقاق.

”صَرف نَحوَ:ذ. لفظن جي ڦير گهير ۽ ترتيب جو علم- ٻوليءَ جو قائدو. “[10]

مٿي ڏنل معنائن جي روشنيءَ ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ هي اهو علم آهي جنهن جي ذريعي لفظن جي جزن، سٽاءَ، مٽا سٽا، گردانن يا ڦيرن جي ڄاڻ حاصل ڪئي ويجي ٿي. لفظن جا ڪهڙا قسم آهن، انهن جي بناوت ڪيئن ٿئي ٿي، انهن جي بيهڪ / جوڙجڪ ۾ تبديليون ڪيئن رونما ٿين ٿيون، اهو سڀ ڪجهہ علم صرفيات جي توسط سان ئي ممڪن آهي. ان جي ذريعي ئي اها ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي.

> “Morphology is the study of the formation of words, It is branch of Linguistics which breaks words into morphemes. It can be considered as the grammar of words as syntax is the grammar of sentences. [11]

”صرفيات لفظن جي جوڙجڪ جو علم آهي، هي لسانيات جي شاخ آهي، جيڪا لفظن کي صرفين ۾ ٽوڙي ٿي. ان کي لفظن جو گرامر ليکي سگهجي ٿو جيئن نحويات جملي جي گرامر آهي. “

”علم صرف اهو علم آهي، جنهن جي مدد سان ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظن ۾ انهن جي جزن جي جوڙ جڪ، سٽاءَ ۽ بيهڪ جي خبر پوي ٿي. هن علم جي مدد سان ٻوليءَ جي ويا ڪرڻي مواد ۾ جيڪي”خود مختيار“ يا ”آزاد“ صورتون (Free forms) يا پَروس صورتون (Bound forms) هونديون آهن، انهن جي استعمال جي خبر پوندي آهي. هن علم جي اڀياس جي دائري ۾ فقط لفظ اچن ٿا. فقرا ۽ جملا هن علم جي دائري کان ٻاهر آهن. يعني تہ فقرن ۽ جملن جي بناوت ۽ جوڙ جڪ سان علم صرف جو ڪو بہ واسطو ڪونهي.[12]

سٽاءَ، بيهڪ يا جوڙجڪ جي لحاظ کان لفظ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن، هڪڙا ابتدائي يا بنيادي لفظ (Primary words) ٻيا ثانوي لفظ (Secondary words). ثانوي لفظ اهي آهن، جيڪي بنيادي لفظن مان جُڙن ٿا. سنڌي زبان ۾ ابتدائي لفظن جي اڳيان، پٺيان هڪ يا

وڌيڪ حرفن جو اضافو ڪري لفظ جوڙيا ويندا آهن. جيئن: مُلهه جي اڳيان (Prefix) "ا" لڳائڻ سان امُله، نهاريو جي آخر (Surfix) ۾ "م" نهاريوم، تن طبيب (Complex word) تن + طبيب وغيره مرڪب لفظ آهن. شاهه لطيف اهڙن ڪيترن ئي الفاظن ۾ صرفين جي ڦيرڦار ڪندي ڪيترائي نوان لفظ جوڙيا ۽ استعمال ڪيا آهن، جنهن سان نه فقط سنڌي ٻوليءَ کي شاهوڪار بنايو اٿائين، پر ٻوليءَ ۾ خوبصورتي ۽ ترنم ۽ يگانيت پڻ پيدا ڪئي اٿائين. جن جا ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا، جيئن اڳياڙي ۾ اضافي وارو هي بيت.

اَوتڙ ڪنهن نه اوليا، سُتَڙ ويا سالم،
هيڪيائي هيڪ ٿيا، اَحد سين عالم،
ٻِي ٻَهَا ٻالَم، آڳي ڪيا آڳهين.
(قاضي، 1993ع، ص3)

مٿين بيت ۾ ٻه لفظ آيل آهن، هڪ آهي اوتڙ ۽ ٻيو سُتڙ جن جي اڳيان (Prefix) اوتڙ ۽ سُتڙ آهي. جن جا اشتقاق هن طرح سان ٿيندا "او+ تڙ" جنهن جي معنيٰ آهي، اڻانگو اوکو ڏکيو يا خراب تڙ ۽ ٻيو سُتڙ سُ+ تڙ = سنو تڙ، سٺائو تڙ، سولو آسان ۽ سهنجو تڙ. پڇاڙي (Surfix) جي ڦير ڦار وارو بيت پيش ڪجي ٿو:

آيا آس ٿيام، ٻاروچا ٻنيور ۾،
پسي پهر پنهونءَ جي، ننهن سيئن نيڻ ٺريام،
گوندر وسريام، سکن شاخون ڪييون.
(قاضي، 1993ع، ص529)

توڙي جو هي ٻه ضميري پڇاڙيون ئي آهن، پر هتي اسان آخر ۾ آيل حرف اضافت طور ڪتب آندا آهن.

(ٿيا + مِ: معنيٰ مون کي ٿي)
(ٺريا + مِ: معنيٰ منهنجا نيڻ ٺريا)
(گذريا + مِ: معنيٰ منهنجا ڏکيا پل، گهڙيون، وقت گذري ويو)

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ اهڙا مرڪب لفظ (Compound word) ٻه جام استعمال ڪيا آهن. جيڪي رسالي ۾ موجود آهن، پر هتي فقط ٻه بيت پيش ڪجن ٿا:

هل هينئين سين هوت ڏي، ڇپَرِ ڇُلُ مَ تون،
منجهان لڏو مون، ڪوهيارو ڪيچ ڏٺي.

❋❋

سبي سيبا ڏي، پوريءَ نينهن نہ ڳجو
ڪَٿيءَ وَٽِيون ڪُٺيون، سَتي سيٺي سي،
مَڇڻ چونمِ ڪ، تہ لڄائيئي ٽرڄائيون.
(قاصي، 1993ع، ص402، 708)

(ڪيچ + ڌڻي = ڪيچ جو مالڪ)
ٽر+ ڄائيون = ٽر ۾ جنم وٺندڙ)

شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ اهڙا ڪيئي لفظ موجود آهن. جيئن، چوڏهين ماهہ چنڊ، چوڏهين چنڊ، چنڊ چٽائي، سور ڌڻي، پب ڌڻي، ساٺ ڌڻي، ٽر ٻاٻيهو سورٺ ور، سنجهہ صباح، رت رتياس، اتر واءُ، سر چڙهيو ڪجايون ڪرن ۾ رات سهائي وغيره.

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ پڻ اهڙا صرفي ڦير گهير وارا يا اڳياڙيءَ (Prefix) سرن لفظن جي شروعات ۾ مٽا سٽا وارا بيت موجود آهن. جيڪي هيٺ پيش ڪجن ٿا:

1. هر ڪو سَڄُ اَسَڄُ ڪري ٿو
ڪنهن ماٽڪ جيئن موت ہري ٿو.

**

2. پورهيت لَئي پرديس بہ ساڳيو ديسُ بہ ساڳيو
(شاعري_1، 2008ع، ص410_685)

اصل لفظ سَڄُ آهي ان جي اڳيان "ا"لڳائڻ سان اَ سَڄُ ٿي پيو آهي ۽ دِيسَ جي اڳيان "پر" لڳائڻ سان ديس ٿي پيو آهي. اهڙيءَ طرح دَڳُ اڳيان ڪُ لڳائڻ سان ڪُدَڳُ. جا لفظ جي اڳيان "آ" يا "را" لڳائڻ سان انهن ۾ فرق اچي ٿو. اهڙي نموني پڇاڙيءَ (Surfix) ملائڻ وارا بيت بہ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ موجود آهن. جيئن:

سڄڻ جو ساريوم، تہ آيون هيرون هنج ۾،
جيڏانهن نهاريوم، چوڏهينءَ جي چنڊاڻ هئي.
(شاعري_1، 2008ع، ص 19)

ساريومِ: ساريو + مِ معنيٰ مون ساريو، مون ياد ڪيو.
نهِاريوم: نهاريو + مِ معنيٰ مون نهاريو يا مون ڏٺو.

ان بعد شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ٻٽا يا مرڪب لفظ بہ تمام گهڻي تعداد ۾ ملن ٿا. جن کي (Compound word) چئجي ٿو اچو تہ ڏسون.

پڇو پيون ڇا پاڙي واريون، پلا اسان جي بات،
چڙي ويو آ چنڊ اسان سان، رسي وئي آ رات.
او منهنجا چِتِ چورَ،
پل پل تنهنجا پورا!

(شاعري_1، 2008ع، ص47_48)

مٿين بيتن ۾ پاڙي واريون، اسان جي بات، چڙي ويو آ چنڊ، رسي وئي آ رات کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي ٻتا يا ترڪيبي لفظ موجود آهن جيئن: سجڻ نہ آيو ساوڻ آيو بادل برسيا، نيڻ نہ ترسيا، بسنت رت، رت بدلي، سک جا سپنا، جگ مگ، جگ جا جهگڙا، او بانورا، اوسانورا، اِجها اُجهامي، گهٽا گنگور، مرجهايل من، اُڏاري واءُ، جرڪيا جر، پٽ ڏٽي ۾ قرب ڪٽي وغيره ٻتا لفظ يا س ر آهن.

## شيخ اياز تي شاهہ لطيف جا نحوي اثر

نَحوَ: ذ. جملن جي بناوت _ اکرن جي بيهڪ_ جملن جي ترڪيب وارو علم _ علم گرامر _ ويا ڪرڻ _ (ظرف) طرح _ طريقو _ڍنگ _ريت نمونو _ راهرستو _ وقت _نوع.

نَحوَ ٻجو(ڪ) :ذٻج جي وچ واري اک (جنهن مان ٻج ڦُٽي) ٻوليءَ ۾ لفظن حرفن فعلن جي بناوت، ڦير گهير ۽ ترتيب جو عمل. [13]

مرزا قليچ بيگ علم نَحوَ جي تشريح هن ريت ڪئي آهي، "علم نحو: لفظ جي اصلي معنيٰ آهي پاسو ۽ اصطلاحي معنيٰ اٿس حرف هڪ ٻئي جي پاسي ۾ بيهاري لفظ جوڙڻ ۽ لفظ هڪ ٻئي جي پاسي ۾ بيهاري جملا جوڙڻ ۽ جملا هڪ ٻئي جا پاسي ۾ بيهاري بيان يا تقرير يا دليل جوڙڻ. انهيءَ ڪري نحو جي رواجي معنيٰ ٿي دستور يا طرز يا قانون، جن موجب حرف، لفظ ۽ جملا پاڻ ۾ گڏجن ٿا ۽ موافقت رکن ٿا ۽ هڪ ٻئي تي عمل هلائين ٿا.

انهيءَ مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ اهي ساڳيا اصطلاحي نالا جي صرف ۾ ڪم اچن. سي ئي وري نحو ۾ بہ ڪم اچن ٿا، جيئن تہ اسم، فعل، حرف، صفت، ضمير، جنس، عدد، حالت، زمان وغيره. اهي سڀ صرف ۾ انهيءَ لاءِ ٿا اچن تہ خبر پوي تہ انهن ۾ لفظن جون جدا جدا صورتون ڪهڙيون ٿين ٿيون. پر نحو ۾ اهي ساڳيا لفظ انهيءَ لاءِ ٿا اچن تہ انهن جي گڏجڻ جا قانون معلوم ٿين، جن موجب اُهي صحيح ڳالهائي ۽ لکي سگهجن. [14]

نَحوَ مان مراد جملن جي ترتيب يا بيهڪ آهي، جملا، جملن جا جزا، جملن ۾ لفظن جي مخصوص جڳهہ، جملن جوڪارج، جملن ۾ لفظن جي مٽا سٽا، جملن جي ترڪيب،

وغيره کي علم نحوَ چئجي ٿو. هن علم مطابق لفظن مان فقرا، يا جملن جا ٽڪرا ۽ جزا جوڙيا ويندا آهن، جزن يا فقرن مان جملا ٺهندا آهن.

> "Syntax is thearrangement of words in sentences, clanses and pharases and the study of the formation of santences and the relationship of their component part." (15)

> "علم نحويات لفظن جي جملي ۾ تنظيم، جملي جي حصن يا جزن ۽ فقرن، جملي جي بناوت ۽ انهن جي جوڙجڪ جي جزن جي لاڳاپي جو علم آهي".

"لفظن مان فقرا (Phrases) جملي جا جزا (Clauses) ۽ جملا (Sentences) ٺهن ٿا. انهن جي بناوت جو چار مکيه خاصيتون آهن. چونڊ، ترتيب، ترميم ۽ سٽاءُ. نحوي جوڙجڪ ۾ صرف لاڳاپيل جزا ئي هڪ ٻئي سان ملندا آهن. انهن اصولن ۽ مسئلن جي خبر علم نحويات ذريعي پوندي آهي." (16)

> "The study of syntax is essentially a problem of determining the regularities in the arrangements of form classes." (17)

> "نحويات جو مطالعو لازمي طور تي گروهن جي صورت جي تنظيم جي پابندين اصولن جي مسئلن کي طئي ڪندو آهي."

نحوي جوڙ جڪ جي حوالي سان هر هڪ لفظ جي پنهنجي پنهنجي مقرر جاءِ هوندي آهي، جتي هو پنهنجو پنهنجو ڪارج ادا ڪندا آهن. هر ٻوليءَ جي جملن جو پنهنجو سٽاءُ يا بيهڪ هوندي آهي، جيئن انگريزي ٻوليءَ جي جملي ۾ پهريان فائل وچ تي فعل ۽ آخر ۾ مفعول رکيو ويندو آهي مثال طور: (I eat a meal) آءٌ فائل، اِيٽ فعل ۽ مِيل مفعول آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي اصول مطابق هر جملي ۾ پهريان فائل، وچ تي مفعول ۽ آخر ۾ فعل ڪتب آندو ويندو آهي. جڏهن تہ صفت موصوف کان پهريان، ظرف فعل کان پهريان حرف جر اسم ۽ ضمير کان بعد ۾ ڪتب آندو ويندو آهي. جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي عام بيهڪ يا سٽاءُ آهي. اڪثر ڪري حالت اپادان حرف جر جي جاءِ تي پڇاڙيون ملائي ٺاهبي آهي. جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ گهڻو ڪري "ن" لڳائي ويندي آهي، جيئن اندران، ٻاهران، اڳيان، پٺيان، ڏاران، پاران، پڄاڻان، سامهان، هيٺان، مٿان، منجهاران ۽ وانگيان، وغيره. ڊاڪٽر ٽرمپ پڻ اها ئي ترڪيب لکي آهي هو چوي ٿو تہ:

> "The avable case is formed in sindhi by the affix "ان" which is always connected with the base itself and never written separately." (18)

> "سنڌيءَ ۾ حالت اپادان "ان" جوڙ ملائڻ سان ٺهندي آهي، جيڪو هميشہ بنياد سان مليل هوندو آهي، ان کي ڪڏهن بہ الڳ نہ لکيو ويندو آهي. "

جيئن شاهہ لطيف ۽ شيخ اياز جا هي بيت آهن، جن جي آخر ۾"ان" ڏنل آهي، جيڪا حرف جر جي عام حالت اپادان آهي.

شاهہ لطيف:

وٽن وينئي آهيان، ڏسئو ڪيئن ڏسان،
جنهن جِهوئي ناهہ ڪي، سا ڪا سونهن سنديان،
پسئو ڪين پسان، آئون نہ جيئندي ان ريءَ.
(قاضي، 1993ع، ص154)

جِتِ نَہ پَکيءَ پيرُ، تِتِ تمڪي باهڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪيءَ ڪير ري.
(قاضي، 1993ع، ص217)

شيخ اياز:

چوٽا چندن واسئان، ويرو تار ورونهن،
سورٺ ساري سونهن، اُجَ اُجهي ئي ڪِين ٿي.
(شاعري_2، 2023ع، ص73)

تو تي تن من واريان، تو جئَن ڪير ڪنوار!
هُونءَ تہ هن سنسار جي، ليلا آهي اپار،
پَر مون تنهنجي پيار، سڀڪجهہ پاتو سندري!
(شاعري_2، 2023ع، ص75)

مرزا قلچ بيگ آن ڪان سواءِ حرف جر جون ٻيون پڇاڙيون بہ ٻڌايون آهن، جن ۾ م، س ۽ ن اچن ٿا. "جيئن سندمِ، سندسِ، ڪانئسِ، ڪانئن، منجهسِ، مٿانسِ، ڪٽسِ، اتن، ڪيسِ، لاڪس وغيره." [19]

اهڙيءَ ريت حالت اپادان جون ڪجهہ ٻيون پڇاڙيون بہ آهن. جنهن ڪي ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٽلي حرف جر جون پڇاڙيون سڏي ٿو. هو لکي ٿو تہ:"سنڌيءَ جي اسم جي حالت عام پنيان ڪن ڪن جملن ۾ حرف جر جو استعمال ٿيندو آهي، جيئن تہ گهر ۾، گهر مان، گهر ڏانهن، گهر وٽ وغيره. ڪن جملن ۾ ڪجهہ حرف جر، پڇاڙيءَ (Suffix) جي صورت ۾ اسم سان لڳائي بہ ڪتب آڻيا آهن، جيئن تہ: گهر + آن = گهران، گهر + اِ = گهرِ، اهڙي قسم جي پڇاڙين کي حرف جري پڇاريون سڏجي ٿو." [20]

مٿي ڏنل پڇاڙين کان سواءِ شاهه لطيف ”ين“ ملائي نئين حالت اپادان جوڙي آهي، اهڙا ڪيئي بيت سندس رسالي ۾ موجود آهن، جنهن عالمن جو ڌيان ڇڪايو آهي. انهن مان ڪجهه مثال خاطر هيٺ هڪ پيش ڪجن ٿا:

هلو هلو ڪاڪِ تڙين، جتي ننيهن پچار،
ڪانهي ٻي تنوار، سيڪا پسي پرينءَ کي.
(شاهه جو رسالو 1993ع، ص594)

| حالت اپادان | حالت جري |
|---|---|
| تَڙين | تڙن تي |

اهڙيءَ ريت شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ بہ حالت اپادان ساڳئي نموني واري موجود آهي، جيڪا شاهه لطيف استعمال ڪئي آهي. اچو تہ ڏسون:

لڪي وينا لامُئين، پکي منجهه پرنِ
لُڏاڻي ۾ لوئيون، سُتيون ساٿِ ڪَرنِ
مُومَل سوچي ماڙيئين، ڪرها مانَ وَرنِ
چانگا چَندنَ هيرُئان ٻيو ڪجهه ڪونہ چَرنِ
(شاعري_2، 2008ع، ص149)

| حالت اپادان | حالت جري |
|---|---|
| لامئين | وڻ جي لام تي. |
| ماڙئين | ماڙين تي يا ماڙين ۾. |

شاهه لطيف جي بيت ۾ تي حرف جر جي عيوض ”ين“ جڏهن تہ شيخ اياز جي وائيءَ ۾ لام تي ۽ ماڙيءَ تي جي عيوض پڇاڙيءَ ۾ ”ين“ استعمال ٿيل آهي. تنهن ڪري اسم تڙ، لام ۽ ماڙيءَ جي اها حالت اپادان آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ مالڪي وارڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ مالڪي زِير اضافت سان پڻ ظاهر ڪئي ويندي آهي. ”سنڌي زبان ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ بہ نظر اچن ٿا، جن ۾ ”زير اضعافت“واري ترڪيب، سنڌي زبان ۾ دراصل فارسي زبان مان اڌاري ورتي ويئي آهي. هت خاص ڌيان طلب نُڪتو هي آهي تہ علم صرف جي مطالعي دوران جڏهن مرڪب لفظن جو اڀياس ڪجي ٿو تڏهن معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي زبان جي پنهنجي صرفيائي نظام ۾”زيراضافت“جي بدران”زَبر اضافت“موجود آهي.“[21]

شاهه لطيف ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ بہ اسان کي ”زبر اضافت“ جو استعمال نظر اچي ٿو جيئن شاهه لطيف جا هي بيت:

لڳي اُتَرَ هِيرَ، سامنديــن سِڙَهه سنــپاهيا،
لنگر ڪٽي ناڪئا، ٽئا سَٽاوا سير،
هِيڙي نِتِ اُڪير، ڪاري ڪيڙائن جي.
(قاضي، 1993ع، ص334)

جهڙي لالي لاک جي، تهڙي سارنگ سِٽَ،
ائين سي اُڀن انگئيا، جيئن سي ڄُڻيءَ ڇِٽَ،
برسي پاسي پٽ، پريائين ڪن ڪراڙ جا.
(شيخ، 2000ع، ص316جلد پهريون)

مٿي ڏنل بيتن ۾ اُتَرَ هِيرَ، سارنگ سِٽَ ۽ ڄُڻيءَ ڇِٽَ اسم زبر اضافت ذريعي مالڪي ڏيکارين ٿا. عام حالت ۾ اتر جي هير، سارنگ جي سٽ ۽ ڄڻيءَ تي ڇِٽَ سان حرف جر جڙي ٿو. پر هتي شاهہ لطيف زَبر جي اضافت سان مالڪي ڏيکاري آهي. اهڙيءَ طرح شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ بہ اهڙا بيت موجود آهن، جن ۾ هُن ”زبر اضافت“ جو استعمال ڪيو آهي.

مٿي ڄڻيءَ ڇنڊڙا، ويرو تار ورونهن،
سورٺ ساري سونهن، ڏاڍي ڏاڍان ڪينڪي.
(شاعري_2، 2008ع، ص73)

آري اُولہَ واءَ ۾، جهومن پيا جهاڙ
مٿان تم تم تارڙا، اُڀاريا آڪاڙ
لکيو منجهہ نراڙ چمڪيو مون تي چنڊ جان.
(شاعري_2، 2008ع، ص112)

مٿين بيتن ۾ ”ڄُڻيءَ ڇنڊڙا“ يعني (پوتيءَ جا ڇٽ ۽ گل ڦل) ڄُڻي مالڪ آهي، جنهن جا ڇٽ آهن. جڏهن تہ ٻئي شعر ۾ ”اُولہ واءَ“ جي معني ٿيندي (اولهہ جي هوا) اُولهہ هوا تي مالڪي ٿو ڏيکاري.

سنڌي ٻوليءَ جي نحوي جوڙجڪ جي هڪ هيءَ بہ خوبي آهي تہ اسم، فعل ۽ حرف جر سان پڇاڙيون ملائڻ جي ڪري اهي ضمير خالص جو ڪم ڏينديون آهن، جن کي عالم ضميري پڇاڙيون يا ضمير متصل چوندا آهن، اهڙي قسم جي جوڙجڪ عالمن جو خاص ڌيان ڇڪايو آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر ٽرمپ هن ريت لکيو آهي تہ:

"Instead of the inflected cases of the absolute personal and prosscssive pronouns, the Sindhi uses very extensively the so called suffixes or pronoun, which are affixed to nouns, postpositions (ad varbs) and verbs. The use of these suffixes

constitute quite a peculiar feature of the Sindhi language and distinguished it very advantageously from all the kindred idioms of India, which are destitute of personominal suffixes. [22]

”ضمير موصول: مالڪي ڏيڪاريندر ضميرن جي ڦيرايل حالتن جي بجاءِ سنڌيءَ ۾ وسيع پئماني تي پڇاڙيون يا اهڙا متصل ضمير استعمال ڪيا ويندا آهن, جيڪي اسمن, حرف جرن(ظرفن) ۽ فعلن سان ڳنڍيل هوندا آهن. انهن پڇاڙين جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي خاص خوبي آهي ۽ ان کي هندستان جي سڀني محاورن ۾ الڳ ڪري بيهاري ٿي, جيڪي ضميري پڇاڙين کان خالي آهي.“

برصغير جي ٻولين مان سرائڪي, پنجابي ۽ ڪشميري ۾ پڻ ضميري پڇاڙيون موجود آهن. ان کان علاوه پاڙيسري ٻولين فارسي ۽ عربي ۾ بہ اهڙيون پڇاڙيون پڻ ملن ٿيون. پر مان سمجهان ٿو تہ اهڙين پڇارين جو سنڌي ٻوليءَ ۾ هجڻ جو سبب عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جو مٿس اثر, واهپو ۽ لاڳاپو آهي. ڇاڪاڻ جو سنڌي ٻوليءَ تي مذڪوره ٻولين جي لفظن ۽ گرامر جي ڪيترين ئي نحوي بناوتن ۾هڪ جهڙاين جو موجود هجڻ آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين عربي ۽ فارسي ٻولن سان ڀيٽ ڏيندي لکي ٿي:

”ڏنو وڃي تہ سنڌيءَ ۾ ان کان وڌيڪ ضميري پڇاڙيون(مفرد توڙي ٻٽيون) استعمال ٿين ٿيون ۽ نہ صرف اسمن ۽ فعلن سان پر حرف (جر, اضعافت وغيره) سان بہ لڳن ٿيون ۽ مذڪر, مونث, واحد, جمع ماضي, حال, مستقبل _ مطلب تہ هر پهلوءَ کان پنهنجا ڏار گردان بہ رکن ٿيون.“ (23)

شاهہ لطيف ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ پڻ اهڙيون ضميري پڇاڙيون موجود آهن, ضمير متڪلم لاءِ سنڌي ٻوليِ ۾ م ۽ س جو استعمال ٿيندو آهي, جنهن جو استعمال شاهہ لطيف ۽ اياز جي شاعريءَ ۾ هن نموني سان استعمال ٿيل آهن, جيڪي فعل ۽ حرف جر جي ملائڻ کان پوءِ ضمير متڪلم جو ڪم ڏين ٿا. ملاحظ ڪريو:

اوڳڻ رُسي سيڪو ڳٽين پرين رناِمِ
ٻهون ٻاروتن ۾ ڪي ڪبيرا ڪيامِ
تيلانهين سريامِ سڪئون سور گهڻا.
(قاضي1994ع, ص131)

***

هيٺ جر مٿي ميجر, پاسي پرين سندامِ
ڪوڙين ڪاج سڏام, اڻ سڏو ڪو نہ رهيو.
(قاضي1993, ص349)

اصل لفظ رتا، ڪيا ۽ سريا آهن. پر انهن جي پڇاڙيءَ ۾ "مِ" لڳائڻ سان معنيٰ ۾ تبديلي آئي آهي شاهه لطيف مٿين بيتن ۾ فعل سان "مون کان لڳائڻ جي بدران "مِ" جو استعمال ڪري ساڳئي معنيٰ ورتي آهي جيئن :

رتا + مِ = رتامِ: معنيٰ مون کان رُتا (فعل سان)

ڪيا + مِ = ڪيامِ: معنيٰ مون ڪيا، مون کان ٿيا (فعل سان)

سريا + مِ = سريامِ: معنيٰ مون کان سريا (اضعافت سان)

سندا + مِ = سندامِ: معنيٰ مون سندا، منهنجا، منهنجو (اَضافت سان)

سڏا + مِ = سڏامِ: معنيٰ مون سڏايا (اضافت)

شاهه لطيف فعل سان مون (يعني) ضمير بدران "مِ" اضافي لڳائي، ساڳئي معنيٰ ورتي آهي. . جيئن هي بيت آهن.

پرين پيم پرڪٺا، راهه ۾ رت رنومِ،
پارتو پرين ڪي، تپي تان نه ڏنومِ،
چڪي تي چيومِ، سواهرو سڄڻين،
(قاضي1993ع، ص394)

رنو + مِ = رنومِ: معنيٰ مون رُنو (فعل سان)

ڏنو + مِ = ڏنومِ: معنيٰ مون ڏِنو (فعل سان

چيو + مِ = چيومِ: معنيٰ مون چيو (فعل سان)

شيخ اياز پڻ ساڳئي نموني سان فعل سان ضمير ۽ حرف جر لڳائڻ بجاءِ "مِ" جو اضعافي استعمال ڪري لطيف جيان ان جي "مون" ۽ "کان" معنيٰ ورتي آهي. اچو ته ڏسون:

ليلا ڪي هر لونءَ ۾، توسان لڪايومِ؛
هن سهٽي سنسار ڪي، چميءَ سين چايومِ؛
تو سان ورهايومِ، جڏهن ساهه سرير ڪي.
(شاعري_2، 2008ع، ص125)

اَڄُ جو وٽي وهه لئه پارون پنڌ ڪيومِ_
واريءَ سان وِهُ گاڏئون، موکي مَنڌُ ڏنومِ_
(شاعري_2، 2008ع، ص159)

ماريندي هن مڇ کي چا چا وس ڪيامِ!
ڇَتيُون ڇِهُون تي وبون، ڇجي رڇ پيامِ؛
وڙهندي ورهه ٿيامِ، اڇي وار اڇا ٿيا.
(شاعري_2، 2023ع، ص186)

لکايو + م = لکايوم: مون لکايو(فعل سان)

چايو + م = چايوم: مون چاهيو (فعل سان)

ورهايو + م = ورهايم: مون ورهايو (فعل سان)

ڪيو + م = ڪيوم: مون ڪيو (فعل سان)

ڏنو + م = ڏنوم: مون کي ڏنو (فعل سان)

ڪيا + م = ڪيام: مون ڪيا (فعل سان)

پيا + م = پيام: مون کي پيا (فعل سان)

ٿيا + م = ٿيام: مون کي ٿيا (فعل سان)

شاهہ لطيف ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ جو صوتياتي مطالعو ڪرن سان هڪ اهو پهلو بہ سامهون آيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ٻنهي مهان شاعرن لفظن ۾ پدن جو واڌارو ڪري پنهنجي بيان جي انداز کي موثر، وڻندڙ ۽ من موهيندڙ بنايو آهي. هُنن "م" کان سواءِ "س" جو پڻ سهڻو ۽ وڻندڙ استعمال ڪري شاعريءَ کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. اچو تہ ڏسون:

پرٿن پالياس، ٻانپڻ ٻيٺي آهيان،
حسن هوت پنهونءَ جي، ماري موت وڏياس،
جانڪين تان جيئنداياس، پيس ور وصال جو.
(قاضي، 1993ع، ص 463)

وڏيري هُياس، چنيسر جي راج ۾،
ڌُهلين، دمامين، نُفرئين، ٿي پلپل پڇياس،
ڍولي ڍيلياس، ٿيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾.
(قاضي، 1993ع، ص579)

پاليا + س = پالياس: پاليو تاتيو نپايو آهي(فعل سان)

وڏيا + س = وڏياس: وڏو آهي (فعل سان

هيا + س = هياس: مان هيس (فعل سان)

پڇيا + س = پڇياس: هُن پڇيو(اضعافت سان)

ڍيلييا + س = ڍيلياس: هن ڍيليو هن پري ڪيو هُن ڌڪي ڌار ڪيو

شيخ ايازپڻ شاهہ لطيف جي پوئواري ڪندي "س" جو استعمال ڪيو آهي، جنهن سبب سندس شاعريءَ ۾ هڪ قسم جو نئون نکار پيدا ڪيو آهي:

ستارو! چئجوسِ، سهٽي ٻڏي سير ۾،
اسان اکيون ٻوٽيون، ٻڏندي ڪونہ ڏٺوس،
اوندھ اڙايوس، تو لئہ ڪاري ڪُن ۾.
(شاعري_2، 2023ع، ص131)

چئجو + س = چئجوس: هن کي چئجو(فعل سان)
ڏٺو + س = ڏٺوس: مون نہ ڏٺو(فعل سان)
اڙايو + س = اڙايوس: مون کي اڙايو ڦاسايو(فعل سان)

اهڙي طرح شاھہ لطيف ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي سٽين نحوي بناوتون موجود آهن. پر هتي مقالي جي طوالت سبب گهڻا مثال ڏئي نٿا سگهجن.

## نتيجو

شيخ اياز تي شاھہ لطيف جا جيڪي گهڻ رُخا اثر آهن، انهن ۾ ٻوليءَ جا اثر پڻ اهميت جو حامل آهن، مٿي ڏنل بحث مان خبر پوي ٿي تہ ٻوليءَ جي حوالي سان شيخ اياز تي شاھہ لطيف جي نہ فقط تشبيهن، استعارن، تلميحن، اصطلاحن، پهاڪن، چوٽين ۽ صنعتن جا اثر موجود آهن، پر ان سان گڏوگڏ صوتي، صرفي ۽ نحوي بناوتن جا اثر پڻ موجود آهن. تنهن ڪري اهو چوڻ درست ٿيندو تہ شيخ اياز سنڌي ٻوليءَ جو اهو شاعر آهي، جنهن نہ فقط شاھہ لطيف جي ٻوليءَ جي متروڪ ٿيل لفظن ۾ ساھہ وجهي انهن کي نئين سِر جياريو پر انهن جو ڀيهر استعمال ڪري سنڌي ٻوليءَ کي نئين ندرت ۽ وسعت ڏني آهي تہ غلط نہ ٿيندو.

## حوالا:


1. ميمڻ محمد صديق، ”سنڌ جي ادبي تاريخ“، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد سنڌ، 1937ع، ص 136_137.
2. سوڍر شاهنواز ڊاڪٽر، ”سنڌي ثقافت ۽ شاھہ لطيف“، شاھہ عبداللطيف ڀٽ شاھہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاھہ ضلع حيدرآباد، 1991ع، ص420.
3. جويو تاج، (مقالو) ”شاھہ لطيف سنڌي ٻوليءَ جو معمار“، خالد آزاد، (مرتب) ”شاھہ لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج“، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سال 2007ع، ص20.
4. سميجو اسحاق ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي شاعري“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ، 2020ع، ص3.
5. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، ”جامع سنڌي لغات“، (جلد چوٿون) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ، سال 2007ع، ص202.
6. www. answer/cp, (01. 02. 2010) .
7. الانا غلام علي ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا“، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006ع، ص242.

8. ساڳيو ساڳيو ساڳيو.
9. جلباڻي غلام حسين پروفيسر، "عربي _ سنڌي لغت"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو سال1988ع، ص 693.
10. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، "جامع سنڌي لغات"، (جلد چوٿون) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سال 2007ع، ص198.
11. . www. answer/cp, (01. 02. 2010)
12. الانا غلام علي ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ڇاپو ٻيو2005ع، ص33.
13. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، "جامع سنڌي لغات" (جلد پنجون) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، 2007ع، ص417.
14. بيگ مرزا قليچ، "سنڌي ويا ڪرڻ"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ سال 2015ع، ص67.
15. .Encyclopadia Britanica 15th Edition,1988, Vol:II, P_465
16. پتافي شازيہ سفير ڊاڪٽر، "شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو لسانياتي اڀياس"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ، سال 2017ع، ص46.
17. ,John, B, The study of language, Harvard university Press,Cambridge,7_ Edition, Carrol .1968,P_37
18. ,Ernest, Dr,"A grammar of the sindhi language,' Asian Educational aServices, Trumpp .New Dehli, 1986,AD:P217
19. بيگ مرزا قليچ، "سنڌي ويا ڪرڻ"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ سال 2015ع، ص .211_210
20. جيتلي مرلي ڌرڊاڪٽر، "شاهہ جو رسالو هڪ اڀياس"، اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ ودوت پريشد پٽي (مهاراشٽر) 1992ع، ص85.
21. الانا غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 2005ع، ص 153.
22. 'Asian Educational Services, "A grammar of the sindhi language,:,Ernest, Dr Trumpp .New Dehli, 1986,AD:P225
23. حسين فهميده ڊاڪٽر، "سنڌي ٻولي:مختلف لساني پهلو"، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 2012ع، ص60.


## ڪتاب:


24. علامہ آءِ_آءِ قاضي، "شاهہ جو رسالو(پيغام)" سنڌي ادبي بورڊ، سال 1993ع.
25. شيخ اياز "شاعري_1"ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، سال، 2008ع.
26. شيخ اياز "شاعري_2"ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، سال، 2008ع.